# ٻين جا عيب برداشت ڪرڻ

**سکيا جي حاصلات**

✍ تحرير جي مرڪزي خيال، نُڪتي يا تصور تائين پهچي سگهي. ✍ اصطلاحن جي سمجهي معنيٰ لکي سگهي. ✍ لفظن جي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻي سگهي. ✍ ڪنهن علمي يا صحافتي موضوع تي پنهنجي وسيع مطالعي، تجربن ۽ مشاهدن جي روشنيءَ ۾ ٻڌندڙن آڏو درست اچارن ۽ لئه سان پنج ڪان ڇهه منٽ زباني تقريرڪري سگهي. ✍ پنهنجي گفتگو ۾ احساس، جذبي ۽ تاثر جي حوالي سان شدت ، لاهه ، چاڙهه ۽ جهيلار جو خيال رکي سگهي.

جيڪي عيب ماڻهو پاڻ ۾ توڙي ٻين ۾ سڌاري نه سگهي؛ سي ڪپيس ته صبر سان سهي، جيسين مالڪ ان جو ٻيءَ طرح بلو ڪري. ويچار ڪر ته نجاڻا اهو تو لاءِ بهتر هجي، جو تنهنجي پرک ٿي ٿئي، ۽ ان مان تون ڌيرج ڪرڻ سکين، جنهن بنا اسان جي تمام چڱن ڪمن جو ملھ ڪجھ به نه آهي. تنهن هوندي به توکي کپي ته جڏهن اهڙيون رنڊڪون آڏو اچن، تڏهن مالڪ کي سوال ڪر ته مِهر ڪري توکي مدد ڪري، ته اهي ڌِيرج سان برسر ڪرين.

جيڪڏهن ڪو شخص هڪ ٻن گهمرن سمجهائڻ سان باز نه اچي ته ساڻس جهيڙ نه ۽ مالڪ تي ڇڏي ڏي ته جيئن سندس مرضي هجي تيئن ئي ٿئي ۽ سندس مڙيني ٻندن جي هٿان سندس نالي جي وڏائي ٿئي، جو ته هو ڀليءَ ڀَت ڄاڻي تو ته برائيءَ مان ڀلائي ڪيئن ڪيجي. ٻين جا اوگڻ ۽ گهٽتايون، پوءِ اهي ڪهڙيون به هجن ته صبر سان سهي وڃڻ سک، جو ته خود تو ۾ ڪيترا عيب آهن جي ٻين کي سهڻا تا پون. جيڪڏهن خود تن جهڙو ٿيئين ته ٿين، تهڙو ٿي نٿو سگهين، ته ٻئي کي ناهي نپي پنهنجي پسنديءَ جهڙو ڪيئن ڪري سگهندين؟ ٻيا ڀانيو ته ڪامل ٿي پون، پر پنهنجن عيبن سڌارڻ جي ڪريون ئي نٿا.

اسين ڀانيون ته ٻين کي خوب گوشمالي ملي، پر اسان جو ڪير نالو نه وني. ٻين کي گهڻي آزادگي ملندي ڏسي ارها ٿا ٿيون،ته به ائين نٿا چاهيون ته اسين جيڪي طلبيون تنهن ڪان رهت ٿيون. ٻيا ڀانئيون ته قاعدي قانون ۾ ٻڌا رهن، پر اسان کي ڪا توريائي روڪ ٿي ٿئي ته رنج ٿا ٿيون. تنهن مان ظاهر آهي ته اسين ڪو ورلي پنهنجي پاڙيسريءَ کي، پاڻ کي ساڳيءَ ساهميءَ ۾ توريون ٿا. جي سڀئي ڪامل هجن ته پوءِ سائينءَ لڳ اسان کي جيڪر ٻين ڪان ڇا سَهڻو پوي؟ پر هاڻي مالڪ جي اها

مرضي آهي ته اسين هڪٻئي جو بار کڻي سگهون،جو ته عيبن کان ڪو به آجو نه آهي، تڪليف کان ڪو به ڇٽل نه آهي، ڪو به پاڻ لاءِ پورو نه آهي، ۽ ڪو به پاڻ لاءِ سياڻو نه آهي پر اسان کي هڪٻئي جي پنيرائي ڪرڻ،هڪٻئي کي ڏيڍ ڏيڻ، واهر ڪرڻ، صلاح ڏيڻ ۽ جهٽڪڻ ضرور آهي. پر فلاڻو ڪيتري قدر نيڪ آهي، تنهن جي ڪل پوري پوري تڏهن ٿي پوي، جڏهن مشڪل جي گهڙي ٿي اچي. جو ته اهڙا وقت اڳلي کي ڪمزور نتا ڪن، پر ڏيکارين ٿا ته منجهس ڪيتري وٿ آهي.

(’گل ڦل‘ تان ورتل)

## مشق

## (الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1. اسان کي پنهنجا عيب ڇو نظر نه ٿا اچن؟
2. صبر ۽ ڌيرج ڪهڙين ڳالهين ۾ ڪرڻ ضروري آهي؟
3. اسان کي هڪٻئي لاءِ ڪهڙي سوچ رکڻ گهرجي؟
4. هن سبق مان اسان کي ڪهڙي نصيحت ملي ٿي؟

## (ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکي جُملن ۾ ڪم آڻيو:

پرک ڌيرج رنڊڪ عيب جهٽڪڻ ساهمي ڏڍُ واهر مِهر

## (ج) هيٺين اصطلاحن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

* اکين تي رکڻ * باغ باغ ٿيڻ * گوشمالي ملڻ * جوهه چنڊڻ

## (د) ’ڀٽريءَ جي شروعات ڀريائين پاڻ کان ڪجي‘ جي موضوع تي پنج کان ڇهه منٽ تقرير ڪريو.

## (هه) ڪلاس ۾ ٻه ٽوليون ناهي، ڪو به هڪ مضمون يا ڪهاڻي ڪٺو ۽ ان کي واري واري سان پڙهو. ڀرين ٽوليءَ پاران پڙهيل ڪهاڻي يا مضمون جي ادائگي، احساسن ، جذبي ۽ تاثر کي ٻي ٽوليءَ مشاهدو ڪري ۽ راءِ ڏئي.